# 4

# سامي ۽ جا سَلوڪ

چئنراءِ بچومل لنڊ (1850 - 1743ع) ’سامي‘ شڪارپور سنڌ جو رهندڙ هئو. هن ڪجھ ورهيه اَمرتسر ۾ پڻ وڻج واپار سانگي گذاريا. پوءِ جلد ئي واپس شڪارپور اَچي هاتي در وٽ هڪ مڙهيءَ ۾ اَچي ديرو ڄمايائين. هوُ اُتي گرمُکيءَ ۾ چٽڪين تي پنهنجا سلوڪ لکي هڪ مٽڪي اندر رکندو هو، جيڪي سندس پُٽ گھنشامداس گڏ ڪندي هٿيڪا ڪري رکيا.

چئنراءِ در اَصل پنهنجي گرو سامي مينگھراج کي عزت ڏيڻ لاءِ ’سامي‘ تخلص هيٺ پنهنجا سلوڪ رچيا آهن. هن جي سلوڪن ۾ ويدانت جو ذڪر ڪيل آهي.



**پڙو، ڳايو ۽ سمجھو.**

وِدِيا وِڇائي، اَوِدِيا دُکَ اندر جو؛
جيئن پاڻي باهه کي، ٻانيَڻ ٻُجھائي،
سوُرج لَکائي، سڀ پدارٿ پڌرا.

موُرَکَ ڪَرِ مَ موهُ، ڪايا مايا کُل سان؛
ڇَڏي ويندءِ چِن ۾، ڊوهِي ڪري ڊوهُ،
اُلِٽو ڏيندءِ ڏوهه، سامي چَئي سِرَ تي.

ڳالهيوُن سَپيئيِ، اَٿي ڪوڙيون ڳُرَ ويساهَ ري؛
ويدَ پُرانَ سِڌَ ساڌَ جَنَ، وَجي پُڇُ پيهيِ،
مَنُ مَنِسا ڏيئي، تُون سَمُجھيِ ڏِسُ سامي چئي.

ٽيئي لوڪَ رُليِ، سانتِ نه آئِي جيءَ کي،
مِلي ساڌ سنگِت سان، اَوِدِيا ڳنڍِ کُلي،
ويئي ياسَ پُلي، سامي چَئي سَنسارَ جِي.

## نوان لفظ

| | | | |
|---|---|---|---|
| اَوِدِيا - اَگيان | لَکائي - ڏيکاري | ڪايا - شرير | ڊوهي - ٺڳ |
| ڊوهه - ٺڳي | ري - سواءِ | سِڌُ - پهتل | منسا - وشواس |
| رُلي - ڀِٽڪي | ويساهه - وشواس | پيهي - گھرائيءَ سان | ياس - احساس |

## اَڀياس

سوال.١. هيٺين سوالن جا جواب هڪ جملي ۾ لکو.

١) اَوديا جو ڏک ڪير مِٽائيندي؟
٢) موهُه ڪنهن ۾ نہ رکڻ گهرجي؟
٣) ڪهڙي ڳالهہ سچي آهي؟
٤) اَوديا جي ڳنڍ ڪيئن کُلندي؟

سوال.٢. هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.

١) شاعر موُرک ڪنهن کي چيو آهي؟
٢) وديا جي اَهميت ڪيئن سمجھايل آهي؟

## پورڪ اَڀياس

(١) شعر - بند تي مشغوليون.

موُرک ڪر مَ موهہ ..................... ڏس سامي چئي.

١) هيٺين ياداشت پوري ڪريو.

| 'س' سان شروع ٿيندڙ لفظ | 'نہ' سان ختم ٿيندڙ لفظ | 'ڪ' سان شروع ٿيندڙ لفظ | 'م' سان شروع ٿيندڙ لفظ |
|---|---|---|---|
| | | | |

٢) اُهي سٽون ڳولهيو جيڪي هيٺ ڏنل سٽن سان ٺهڪي اَچن.

(الف) دُنيا اَست آهي.
(ب) وشواس رکي تون سمجهہ.

٣) هيٺ ساڳئي معنيٰ وارا لفظ ڪٺي جوڙا ملايو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| (1) | مايا | (i) | ڪٽنب |
| (2) | ويساهہ | (ii) | ممتا |
| (3) | موهہ | (iii) | وشواس |
| (4) | کُل | (iv) | پيسا |

٢) اَڻ ٺهڪندڙ لفظ مٿان گول پايو.

مثال : اوندهہ، اَنڌيرو، روشني، اونداهي

(الف) شوق، چاهہ، اِڇا، دلچسپي
(ب) خير، غم، پلو، ڀلائي
(ڪ) ٻر، جهنگل، سُڄ، ساوڪ
(د) محل، جهوپڙي، حويلي، بنگلو

NJE60X